# نئی ناولیٹ

# ماٹک



# ٽي ناوليٽ

## ماڻڪ

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1992ع

www.sindhsalamat.com

[حق ۽ واسطا ليکڪ جي وارثن وٽ هٿيڪا]

ڇپائيندڙ: روشني پبلڪيشن ڪنڊيارو
ڇاپيندڙ: سردار پرنٽنگ پريس، حيدرآباد
قيمت [illegible] روپيا

www.sindhsalamat.com

## سڏاءُ

## ٽي ناوليٽ


□ رڄ ۽ پڙاڏا 9

— پاتال ۾ بغاوت 51

= سسيفس جي ناڪار 53

□□ پاتال ۾ بغاوت 65

□□□ لڙهندڙ نسل 91


www.sindhsalamat.com

# رڃ ۾ پڙاڏا

هيءَ ناولٽ پهرين "ميسوٽي" جي سري هيٺ
1961ع کان 1968ع ڌاري لکيو ويو.
وري ٻيهر 1973ع کان 1975ع جي وچ ۾
"رڃ ۾ پڙاڏا" جي سري هيٺ لکيل.
1-5-1976ع

● ڏهاڙيءَ وانگر آفيس مان نڪري:
نپوڙيل ذهن مان، ماٺي جسم سان گهلبندي گهلبندي گهر جي در تي پهچڻ تائين، احساس نيستا، وڃايل، اڻ-ڄاڻ پنهنجو پاڻ کان.
ڪلاڪ ڪولي اندر گهڙڻ مان: ڪلهه وانگر اڄ به، ٽپهل هوا جي اوچتي جهوٽي وانگر خالي گهر جي عجيب ماٺ، بسي زندگي، موت جهڙي ويرانيءَ جو احساس ڇپائيندڙ گهر، لڳندڙ: ڇڏيڪ، زندگي، زندگيءَ جي چرپر ۽ تازگي کي گهڙيون اڳ موڪلائي ويل. مرونڊل روح ۾ رانپوٽا هڻندڙ پڇاڙيڪ سپني سمان ماٺ.
ان کي سڄي واري اداسي وڌيڪ ڇٽو ڪندڙ. ڇاپوڙا لٽل ڀتين تان ٽڃندڙ اس جا ٽڪرا، ان پاسائيءَ کي وڌيڪ ڀيانڪ بنائيندڙ.
جهوليءَ کٽ تي پاڻ سٽيندي، نپوڙيل ذهن ۾ نستن

www.sindhsalamat.com

احساس ڪارڻ هيٺائيءَ جو ڳهر سنڌ سنڌ. جي سور مان ملندڙ،
مٺڙو، هلڪڙو سرور پريو مزو.

پاڻ تڳندڙ ويساهه سان تہ: ”ڏٺڪ پڇندڙ!

مرونيل احساس، ساڻا سنڌ، ڪا موهل، ڳهل تائين اڻين
ئي چڪنا چور، اڌ - مٺا - پهل، ڳپل جهوليءَ ڪٽ اندر، جيئن
جو تيئن، ڪيتريءَ موهل تائين بي مرتو.

وڌندڙ اوندهہ، سانت ۽ ويرانيءَ کي وڌيڪ ڀوائتو بڻائيندڙ،
اوچتو، ڏکي، اونهي ساهہ سان: مرونيل حواسن اندر،
زندگيءَ جي ويران هنڌ، ڪنهن زبردست ڪوٽ هنڌ جي ڇهريندڙ
وهڪ جي رواني.

هيءَ حياتيءَ بہ ـــ ناسن مان ڏکهو، اونهون ڪنهل پهو
ساهہ، جسم جي چرپر: پنهي هٿن جون آڱريون ملائي لڪاءِ
۽ جسم کي سيڌي ٽڙڪاٽ.

هن چرپر سان ڦٽڪندڙ، ٻولائيون ڪائيندڙ روح، ان ڀوائتي،
سانت واري ويرانيءَ ۾.

ٻرندڙ تيليءَ جو شعلو، سگريٽ جو ڪش. ڪش مٿان ڪش
ڦهلجندڙ دونهون.

عاشي. پريل، مٿي اپريل ڳڻاهہ خماريل اکيون. سانورو رنگ.
در کوليندي: ”ادا، دير ڪئي؟“ پريشاني ليڏا پائيندڙ
منهن منهجان.

ڪشن مٿان ڪش، ڦهلجندڙ دونهون. آڳر جي ڪنڊ ۾
اجڙيل چلهہ، پرسان پيل ڪاٺيون، چاهہ ۾ اکر ۽ چار، ٻهري
ويٺل هاشي منجيءَ تي. ٻرندڙ باهہ چلهہ ۾، ٽڻي تي پچندڙ

www.sindhsalamat.com

اڱڻ جي وچ ۾، کٽ تي پئل، اڇي ڪپڙي ۾ ويڙهيل،
'ادا — امان — هاءِ —' عاشيءَ جي اوڇنگار.
'ابا، ماڻهين کي آخري پيرو.'
'بس ٻچا رب جي رضا هئي، ٻندو ڇا ٿو —'
رت-ٻنا، اڇو ڪاڳر جهڙو منهن. اکيون پوريل.'
'هاءِ امان، منهنجي جيجل —' عاشيءَ جي اوڇنگارن جو
لڳاتار سلسلو.
لڳاتار سلسلو.
خاموش، ٻت ٻڌيل، هڪ هنڌ ويٺل.

ڳوٺ جو گهر: ڪچو اڱڻ-ورانڊو-ٻه ڪوٺيون-پينگهو-
کوليءَ ۾ کٽ تي هنڌن جو ڍير هلڪي اوندهه- ليپي ڏنل
مٽيءَ جو سڳنڌ- عاشيءَ سان راند: اک ٻوٽ- گڏين- ڇيڪلي-
آڱر ٻجهائڻ-لڪ-لڪوٽيءَ.
سرءَ جي منڊ. پيهريءَ جا ورنڊڙ پاڇا. موٽيل اسڪول
مان، ڪاڻ ڪان پوءِ
'عاشي اڄ ته راند ڪيون.'
'ڪهڙي؟' 'ڳڙي ۾ ڇڪڻ.'
'تون ٻڌاءِ.'
'نه ڀائي تون ٻڌاءِ.'
'مان ٻڌايان؟' ڪهڙي سوچ ڪان پوءِ تڪڙي آواز ۾
پينگهي ۾ گاڏيءَ گاڏيءَ.
'چڱو.'
'مان ڊليون ٿو ٿيان ۽ تون گاڏيءَ ۾ چڙهجانءِ ها نه.'
'چڱو.'
'ها —'

www.sindhsalamat.com

منافق.

— شبير صاحب، هو.... ٻڌو سين ته، خبرناهي سچ يا آهي يا.... اوهان جي ميسٽر....

— ها.

— پوء، ڪا خبر پئي؟

— نه، پر منهنجو اندازو آهي ته اسان جي گهر جي سامهون هڪ ماسٽر رهندو هو، انهيءَ سان....

— پوء، اوهان ڪا جاچ يا ڪوشش....

— نه، مان ڇا ٿو ڪري سگهان.

(جڏهن ته هن، پنهنجي مرضيءَ ۽ خواهش موجب ڪنهن به صاحب سان پنهنجي زندگي گذارڻ جو فيصلو ڪيو).

— نه، ته، به هوءَ....

— چپ.

(ظاهر آهي ته، اهڙو فيصلو ڪرڻ کان اڳ، هن پنهنجي مستقبل جي باري ۾ چڱيءَ ريت سوچيو هوندو ۽ هيءَ به ظاهر آهي ته، هوءَ پنهنجو پاڻ لاءِ نقصان جو ڪڏهن به سوچي نٿي سگهي. جو ڪو به انسان پنهنجو پاڻ کي ڇيهو رسائڻ نه چاهيندو.)

— نيٺ ادا، تنهنجي ڀيڻ هئي، توهين کان وڏو ۽ مرد ماڻهو....

— چپ.

(ڪائنس وڏي هجڻ ڪري يا مرد ماڻهو هجڻ ڪري، مون کي سندس مستقبل جي فيصلي ڪرڻ جو ڪو به آخري حق ته پهچي نٿو سگهي.)

هارڊ-بورڊ جي پارٽيشن مان هيڊ ڪلارڪ جو ڏار ڪيل ڪمرو. ڪمري مان ايندڙ ٻڻ-ٻڻ- نما سرٻاٽ ۾ آواز:

— ڪرڏڪ آهي.

— نه يار، بي غيرت آهي. (فيصلو)

www.sindhsalamat.com

اتي، اٿين ڪي ڏينهن گذري ويل.
ٽپ. ڪيليون پٽيندڙ. مڪين جا ميڙ. ڪينشان رڙهندڙ.
ننڍا وڏا ڪينشان؛ وچڙيل، چرندڙ لاش تي. جسم جو گهپل حصو
ڪاڌل. ٽنگ، مختلف هنڌن تي. پٽيل، ڏڪيل، ڪاڌل، هڏا
نظر ايندڙ.

ماڻهن جو گوڙ.
گهٽتي - الڪو - ٽپ.
ماڻ به عجيب آهيان. جڏهن مرڻ کان پوءِ مون کي ڪنهن
به ڳالهه جو احساس نه رهندو ته پوءِ هيءَ بي وقوفيءَ وارو خيال
ڇو! بي جان جسم جيئرن جي حوالي، وٺن ته گند جي ڍير تي
ڦٽو ڪن، وٺن ته ـــ بهرحال، اهو مسئلو جيئرن جو رهندو مئلن
جو نه.
موت جو خيال مونڊي، ذهن خالي، احساس سٽل، ڏاريو
پنهنجو پاڻ کان، ڏاريو، پوري ماحول کان، جنهن ۾ هلندڙ.
پاسو ورايل، وڏ يل اوندهه. اوندهه جو ڏ نپيندڙ احساس، پرندڙ
بلب. چوڦير لڳندڙ سنسان، چڙڪ قبرستان ۾؛ بلب، پرندڙ ڏئو،
قبر جي مٿان ڏئو پري رهيو آهي.

سڏو سنئون ليٽيل کٽ تي، لڳندڙ مئل، پيل قبر ۾:
’پڪواس آهي.‘
اڪيلائيءَ جو احساس. ننڊ جي ڀرپور خواهش هوندي به،
اکين ۾ ننڊ نالي ماتر به نه!
ڪتاب پڙهان. اوچتو خيال -
HOMER — ODYSSEY.
ڪتاب جو خيال اچي غائب ٿي ويل. نظرون ڇت ۾ کتل.
ڇت تي پوندڙ پيلي پيلي روشني پراسرار لڳندڙ. هنڌ - هنڌ تـان

www.sindhsalamat.com

ٿميل سڏڪا، هڪ هنڌ جميل وجود. اڪيون ڪتل
هڪ هنڌ.

اوچتو: پاڻ - سڃاڻپ جي احساس سان: روشني ۽ سڏڪن
جو احساس. اهو احساس. ويساهه ۾ نه ايندڙ سپني سمان لڳندڙ.
عجيب ڪل جهڙو. مرڪ چپن تي، جڏهن پنهنجو پاڻ تي ٿڌول.
مرڪ ڦهلجندڙ، پنهنجو پاڻ تي تعجب جي احساس سان! پوءِ ٿهڪ،
ٿهڪ مٿان ٿهڪ. پنهنجو پاڻ تي.

ٿهڪ ....

ٿهڪن سان، اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيل.

ڪيڏو عجيب!

ٿهميل ٿهڪ. هڪ هنڌ جميل وجود. اڪيون ڪتل
هڪ هنڌ.

ٿهميل ٿهڪ، هڪ هنڌ جميل وجود. اڪيون ڪتل هڪ هنڌ.

اوڊيسيس رئندڙ. سڏڪا ڀريندڙ.

هن رنو. انهيءَ رئندڙ عورت وانگر، جيڪا پنهنجي مئل
مڙس جي لاش مٿان پاڻ ڦٽو ڪري وڏي واڪي سڏڪا ڀري
رهي هئي. جيڪو بهادريءَ سان وڙهندي، پنهنجي شهر ۾ پنهنجن
ماڻهن آڏو، گهر ۽ ٻارن جو بچاءُ ڪندي مئو هو .... ساڳي
رحم طلب حالت ۾ اوڊيسيس رنو.

پنهنجي روئڻ تي ايندڙ ڪل.

ڪيڏي حماقت! ڪلندڙ، ڦهليل چپ.

سمهان. ڪافي وقت ٿي ويو آهي.

ننڊ ڏالي ماتر به اکين ۾ نه.

www.sindhsalamat.com

’ اڄ شبو تون ٻه وَٽَ وٺ.‘ يارو.
’ نه يار.‘

’ ڇو، ڊڄين ٿو.‘ ٻڳو.
’ ڊڄندس ڇو.‘
’ پوءِ مڙسي ڪانه ٿئي ڇاڙي؟‘ گلو جي ٽوڻڪر
’ وڄ ڙي.‘
’ اڙي شبن، توکي خبر آهي ته هيءَ استاد ـ گهر آهي، جوءِ سان سمهڻ کان اڳ هن تي آزمائش ضروري آهي. ڇا ٻُڌو ٻچڙو.‘
گڏيل ٽهڪ

’ اڙي جانو يار جلدي ڪر اسان کي ٻه وارو ڏي.‘
جانو پڳهر ۾ شل، گوڏ سنڀاليندڙ، ڳنڍ ڏيندڙ، يارو پنهنجو وارو وٺندڙ، گوڏ هيٺ پيل ـ
’ يار اِتَ هٽندي‘ سادگيءَ وچان.
’ اسان جي هيرايل آ پٽ.‘ يارو سهڪندي
’ شبو، جي محمد ڏوهيءَ کي ٻڌايو اٿئي ته پوءِ پٽ تنهنجو خير ڪونهي.‘ گلو
’ نه ـ منهنجو ڇا وڃي.‘

’ ها، ياد رکجانءِ جي ٻڌايو اٿئيس ته هيءَ ڏاڙهي آ: پوءِ توسان ڪنداسين.‘ جانو.
’ هل ڙي پڙوا. جڏهن چوان ٿو ته نه ٻڌائيندس، پوءِ اها ٽڙ ٽڙ ڇاجي ٿو ڪرين.‘ ڪاوڙ.
’ نه شبو، جانو پوڳ ٿو ڪري.‘ ٻـگو سمجهائيندي،
’ اڙي يار، تون ڊڄين ٿو. اسين ڪونه پيا ڪيون.‘ اک پٽيندي،

www.sindhsalamat.com

'وَتَ وٺ يار ـــ بابا ڀڏو، هن ڪان پوءِ شبوءِ کي وارو وڌرائيندا سين .'

ڳڏهه ـــ مرڪ ڇپن تي .

ماڻيل مزي جو احساس، ياد جي ڀڙاڏي ۾.

ويچاري، بي وس!

جتي ٻه ، جنهن جو جيترو وس پڄي ٿو، پاڻ ڪان بي وس تي، پنهنجو وس نهايت ڪميڻائپ سان هلائي ٿو.

ڳڏهه ـــ عاشي ـ پاڻ ـ ويچارا .

هوءُ . سڀ ويچارا . بي وس!

لڳندڙ ويچارو، پنهنجو پاڻ کي . ويچارگيءَ جو اهو احساس، پنهنجي بي وس هجڻ، پنهنجن ئي نظرن ۾ خسيس هجڻ جي احساس کي جاڳائيندڙ. ڪِريل پنهنجي پاڻ ـ آڏو. خسيسپڻي جو احساس، لڳندڙ، ڪنهن اندروني، روحاني ايذاءَ تي پهو . هڪ ڀرپور خواهش جي سجاڳ: ڪو همدردي ڪري، پيار ڪري، ڳڙاڻري پائي .

همدردي خيرات آ ـــ

نفرت ـــ

عاشيءَ سان ڳڙاڻري پاتل . رئندڙ ٻئي، خاموشيءَ سان! رئڻ ۾ ايندڙ هڪ قسم جو مزو آسيس!

هارڊ بورڊ جي ڪيل پارٽيشن پنيان هيڊ ڪلارڪ جي ڪمري منجهان ايندڙ سرٻاٽ :

ـــ ڪرڏڪ آهي .

ـــ نه ادا، بي غيرت آهي.

ـــ ويچارو . ڀلا ڇا ڪري،

ويچارو، ويچارو .... ڀڙاڏا، ذهن جي گنبذ اندر.

ويچارو: سمجهندي پنهنجو پاڻ کي ، اداسيءَ سان گڏ گهري روحاني چوٽ جي ايذاءَ جون سٽون. ان اداسيءَ ڪاڏڙ،

www.sindhsalamat.com

ڏوهه آهي. ها، ڪمزوري سڀ ڪان وڏو ڏوهه آهي.
جيڪڏهن هو، ڪنهن مسيت مان جُتي چورائڻ بدران ڌاڙو
هڻي ها ته —

سرڪاري اسپتال: ڏُبرا، ڪنجهندڙ، ڪٽڪندڙ، هڏن جا
پڃرا مريض، بي وس، لاچار، لائين ۾ بيٺل، ڏکي لائين، آهستي
آهستي اڳتي رڙهندڙ. اوچتو لائين بيهجي ويل.
— ڊاڪٽر چانهه پي رهيو آهي.
— نه، نرس سان....
— سالو، اسين هتي مرون پيا، هيءُ عياشيون ڪري
رهيو آهي.
نڪرندڙ شرمايل، ڊاڪٽر جي ڪمري مان نرس، ڪنڌ
هيٺ ڪيو تيز تيز ويندڙ.
ڪنهن ڳوٺ مان ڪجي آيل ڳوڙهو مريض، ڪٽ تي.
پوين پساهن ۾. ڏکيا ساهه کڻندڙ.
— ڊاڪٽر صاحب، سيگهه ڪر همراهه
— اڙي ها ها چپ ڪر ڇٽ پڌم. مٺو نه ڪاءُ. ڇڙٻ.
چند گهڙين اندر مئل مريض.
حيثيت، سگهه! زندهه رهڻ لاءِ.

هر هنڌ، هر ڇڙو، جتي به، جنهن به، جيتري به، اختيار
۽ حيثيت جو مالڪ آهي، انهيءَ آڌار تي، انتهائي ڪميڻائپ
سان، انجو فائدو وٺي ٿو. ونس آيل حاجتمند جي بي وسي ماڻي
ٿو. نه ته به اهڙي ڪوشش ڪري ٿو.
سانوري پر چٽي نڪريل رنگ واري نوجوان فقيرياڻي.
ڪڇ تي ٻار. هلڻ جي لوڏ ۾ خاص ماڻو.
’ او رئيس، ڏٽيءَ جي نالي ڏي نه —‘
’ گهڻو ڪپڙي؟‘ قميص جي اڳ هيٺان ڇڏن ۾ ڪنهندڙ

www.sindhsalamat.com

رئيس جو هٿ ۽ اکين ۾ آڇ ۔
’ جيڪو ڏين ۔‘
’ اڇ پنهان ۔‘
جيئري رهڻ جي هيءَ ڪمزوري! ڪيڏي نه ـــ
انڪار ـــ
بغاوت ـــ

ها، جيڪڏهن سڀ بي وس، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي
ڊوهه ـــ سرڪش
ڏند ڪرٽيل، لونڊڻيءَ وٽ ٽڙڪات. لڳ لڳ ڦڙڪندڙ.
ڪچر. هنن جي ـــ
رانپوڻا، لتون، ٺونشا ....ـــ
ڙانپوڻا، لتون، ٺونشا هڻندڙ جسم، ساٿو، پگهر، سهڪ.
نـه ـ

هنن جي ـ

ڇنڊن ۾ هٿ، مضبوط پڪڙيل، ڏونڏاڙ، پٽ سان ٽڪر،
ٽڪر مٿان ٽڪر، هڪ پرپور، خواهش: پٽ سان ٽڪر هڻي هڻي
ماري ڇڏڻ جي. سڄو جسم ڪنبندڙ. گف وهندڙ. مچريل.
سوئر جا پٽو، سان نٿو مڃان
مان نٿو مڃان

مسٽر شبير، هي فائيل نهايت ضروري آهي اڄ ئي مان
نٿو مڃان، پڙهه ڪونه

هڪ زوردار لپاٽ هيڊ ڪلارڪ جي منهن تي، هليو وڃ
هليو وڃ ـــ حڪم
ماڻهن جو ميڙ: اوهان سڀ حرامي آهيو. سوئر جا پٽ
مادرچو.... مان پڇانءِ ٿو توکي اها جرئت ڪيئن ٿي
هان؟

www.sindhsalamat.com

پيٽ ۾ لت
هان؟ عاشيءَ کي پڇائڻ جي جرئت ڪيئن ٿيءِ؟
تنهنجي ته .... اها توکي جرئت ڪيئن ٿي؟
منهن ۾ مڪ، نڪرندڙ رت نڪ مان
مڪ مٿان، مڪ، لت مٿان لت
سهڪندڙ

اوچتو ذهني ڇرڪ سان، سُرت: ڏکندڙ آڱرين، ڪنبندڙ پوري جسم جي. وهندڙ پگهر جي. پگهر ۾ آلي ٿيل گنجيءَ جي. پگهر جي تيزابي، تکي بوءِ جي.

نڪ ۾ گهڙي ويندڙ تيزابيت واري پگهر جي تيز بوءِ، دماغ تائين پهچندڙ. نـه چاهيندي به پـگهر جي تيزابيت کي لـڳاتار ساهه کڻي وري وري سنگهڻ جي ڪوشش. ٻڇان پنهنجو پاڻ کان. گهٽ ۾ ٻوسات جو احساس وڌندڙ. ڪنبندڙ هستي، ان تيزابيت ۾ ڳرندڙ. قميص ۽ گنجي لاهي ڇڏيان. پٽن کي آلي گنجيءَ جي آلاڻ ڇهندڙ. سڄي ڪمري ۾ تيزابيت جي بوءِ پکڙيل. ساهه ٻوساٽجندڙ. ايندڙ اورٿ. الٽي ايندڙ.

لاٿل قميص ۽ گنجي، اڌ بدن اگهاڙو. گرمي ۽ گهٽ وڌندڙ. منجهندڙ ساهه. دل ڪچي ٿيندڙ. ڪريپ، پنهنجي ئي جسم کان. ٻاهر اڱڻ ۾ اچي ڏگها ساهه کڻڻ جو خيال. ۽ تازي هوا جي جهوٽن مان ايندڙ سزي جو تصور نئين حياتي ڏيندڙ. پر ليٽيل ساڳي هنڌ تي.

جيڪڏهن مان هينئر مري وڃان؟ مري وڃڻ جي سوال پٺيان، مري وڃڻ جو رومانٽڪ خيال لڪل. مري وڃڻ جي سڌ گاڏڙ خيال سان، زندگيءَ جي مبهم هجڻ، بـي معنيٰ هجڻ جو گهرو ۽ هستيءَ جي تجرباتي سطح تـي وڌيڪ درست لـڳندڙ خيال. بي وسيءَ جو احساس انکي وڌيڪ هٿي ڏيندڙ.

ٻوساٽجندڙ ساهه. اوچتو اٿي، ٻاهر اڱڻ ۾ اچي ڏگها ڏگها ساهه. ڪانچ جا ور مٿي کڻي پسار اڱڻ جي. وڻندڙ ٿـڌڙي،

www.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ، نوڪريءَ جي عيوض پگهار وٺڻ لاءِ، پگهار انهيءَ
لاءِ جو زندهہ رهڻو اٿم، ۽ زندهہ انهيءَ ڪري رهڻو اٿم جو ـــ؟
نوڪري ڪرڻي اٿم!

بڪواس.

مرڻو اٿم. زندگيءَ جي پڇاڙي نيٺ موت تہ آهي نہ.

هيءُ سڀ ڪجهہ ڪيڏو احمقانہ ۽ عجيب ڍونگ آهي!
سرت سان.

نہ چاهيندي بہ،.... ماحول کي، نوڪريءَ کي، هيءُ
جيڪو ڪجهہ آهي، ان کي جيئن جو تيئن رکڻ لاءِ، انهيءَ ۾
محض چرپر ڪرڻ لاءِ زندهہ رهڻ.

آفيس. ان کان سخت نفرت. ٻئي ڏينهن، ان کان پوءِ
ٻئي ڏينهن ۽ ان کان پوءِ ٻئي ڏينهن....

آفيس نہ وڃڻ لاءِ دل.

بہ- ٽي ڏينهن موڪل وٺان ـــ

خيال: پر، اِهي بہ ٽي ڏينهن ڇا ڪندس؟

آفيس جي روٽين واري ڪم ۾ رڌل پنهنجو وجود ۽ ان کان
پوءِ جي عام رواجي زندگيءَ واري روٽين ۾ گم ٿيل هستي،
جنهن جي هجڻ جو ڪڏهن احساس نہ رهيو، عاشيءَ جي وڃڻ
کان پوءِ نمايان ٿي بيٺل: ڪيڏي اڪيلي، ڀڄڙا ڀري، خال محسوس
ڪندڙ، پنهنجي روپ ۾: ڀوڳيندڙ.

پوءِ بہ جيئڻ لاءِ ڀرپور آس رکندڙ!

'مان' آهيان جو احساس، انهيءَ احساس پٺيان ڇو آهيان
جو سوال. ڇو جي پٺيان سوچ جو لڳاتار سلسلو. اها سوچ، جيڪا
پنهنجيءَ هستيءَ کي ڏونڌاڙي ڇڪي، آڀو ڪري آڏو ٻيهاريندڙ.
ڇو؟ نيٺ ڇو؟ ڪلارڪي ڪرڻ لاءِ؟

هي سڀ انسان انهيءَ ڪري جيئن ٿا، جيئڻ جي جاکوڙ
ڪن ٿا، ذليل ٿين ٿا، ذليل ڪن ٿا، سرخرو ٿين ٿا، سرخرو
ٿي ماڻين ٿا، سرخرو ٿيڻ لاءِ ڪيترين ئي ڪميڻايون، ذلالتون،

صبح جي اچاڻ چٽيءَ ريت چانيل. ٻپ ڏٺي اڻيل ذهن ۾ ڪهاڻي دونهين وانگر ڇانيل، وڪوڙيل خيال: آفيس. ساٿي، ستل، مرونڊيل حواس.

پرزي جي ڇر پر: ڪاڪوس، غسلخانو، ڪپڙن جي تبديلي....

روح نڪتل، نپوڙيل هستي هڪ ئي چڪر جي ڦرڻيءَ ۾ ڦرندڙ، ڦرندڙ رهندڙ. مٿل، سواءِ ڪنهن جيئري احساس جي ڇُر- پُر ڪندڙ.

**ڏهاڙي وانگر آفيس ڏانهن .... ●**

www.sindhsalamat.com

# پاتال ۾ بغاوت

(A Revolt in the under world)

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

اولمپيائي ٽت ڪي قائم رکڻ لاءِ.

۽ تبديلي: سوپاروڻ تاريخ / قدرت / وقت / سچ جو آواز. هارايل، غدار، ڏوهاري!

اهو لڪيل، ايستائين، جيستائين وهيٽا، وهيٽا آهن. هيٺا.

انهن وهيٽن ۾ سسيفس به آهي. هوڏي-انڪاري. جيڪو نه، سيڊسٽ ٿيڻ چاهي ٿو- نه، ميسوچيئيسٽ ٿيڻ قبولي ٿو. پنهنجي سرڪش عمل سان پاتال ۾ بائيتال مچائي، پنهنجي سچائپ ڪي، آئيڊنٽيٽيءَ ڪي وائکو، چٽو ۽ ڊفائين ڪري ٿو. سسيفس هوڏي ناڪار هيٺي هوندي به پاڻ مڃائيندڙ آهي، آئيڊنٽڪ. هو نبل هوندي سرڪش آهي. هو پنهنجي ناڪار سان جتي وهيٽي خلق جي احساس جرم ڪي جاڳائي ٿو، اتي اختيار جي احساس جرم ڪي ڏونڏاڙي ٿو. هو ڪميٽيڊ هوندي به نسان- ڪمٽيڊ آهي. اها ئي سسفس وڏائي آهي.

# پاتال ۾ بغاوت

**(A Revolt in the under world)**

www.sindhsalamat.com

”نہ ـــ“ سسيفس رڙ ڪئي.
”سان انڪار ڪيان ٿو.“ سيريل هوڏيءَ جو پڙلاءُ.
”سان انڪار ڪيان ٿو.
”هيٺيون آهيان: چاڻان ٿو. پر بغاوت هيٺن جي سڀاءَ جوئي انگ آهي. ڇاڪاڻ ته هو هيٺا آهن، انهيءَ ڪري بيوس. بيوسيءَ جو ويڃندڙ انهو هيٺن کي بغاوت لاءِ آڀاريندو آهي. اهو سڀاويڪ آهي، جو هو انهيءَ انحراف، انڪار ۽ بغاوت جي هير سان سوچ ساڻيندا آهن....“
هو سڄو ڪاڙهو ٿي ويو. منهن ڳاڙهي هٽي ويس. ٿڙڪڻ لڳو:
”نہ ـــ“
هرسن، لفظن تي زور ڏئي چيو: ”ديوتائن جو ديوتا، پوري ڪائنات جو ڌڻي ابو زيوس، انڪارين کي ڪڏهن نه بخشيندو آهي، سسيفس.“
”اها ڪا نئين ڳالهه ڪانه آهي.“ سسيفس بي پرواهيءَ سان وراڻيو.
۽ پوءِ پراڏي ۾ گونج آئي:

ديوتائن جو ديوتا: زيوس
تيجوان
سڀ کان وڏو
سڀ گڻ گيس جـڳائن
جيڪو سڀ کان سگهو.
۽ سڀرو آهي.
هو مها آهي.
گاج گجگوڙ وڄليون
سندس ادويتي روپ آهن
سگهه، سڀرائي

www.sindhsalamat.com

سنڌس چئيدان پانها آهن

هن ـــ
هوڏين ۽ نيڻن
کپاترن ۽ پاڪين لاءِ
هيٺ پاتال ۾
جهنم جوڙيو
اسانجو زيوس
خلقڻهار ـ پالڻهار
جنهن اسانکي هر سوکڙي ڏني
جيڪو:
پوري جڳ جو سنڀاليندڙ آهي
مڪتي ڏياريندڙ
جنهن ڪان سواءِ
هوند جڳ ۾ اونڌهه انڌوڪار هجي
هُوئي آهي
سنڀاليندڙ ـ پاليندڙ
هن ڪان سواءِ پيو ڪير تي سگهي ٿو؟
جو هن سرشتي کي هلائي.

ابو زيوس:
هوڏين ـ نڙن
کپاترن ۽ پاڪين کي
ڪڏهن نه بخشيندو آهي
ڪڏهن نه ـــ
هو مهمان آهي.

سسيفس جي سُڪل چپن تي مرڪ پهڪي وئي. ۽ سنڌس پوري هستيءَ ۾ سرت ـ پري ڌڪار، مرڪ ۽ ڌڪار جي هن سنگم

www.sindhsalamat.com

جن جا هو لائق نہ هاـــ
۽ هاڻ:
تون هن سراڻ تي پيو گهرڙج
تنهنجي لاءِ نہ ننڊ آهي نہ آرام
۽ نڪوئي تنهنجي چرپر ۾ گهڙين جي ڪا مهلت
ڪيٽڪ ڪنجهڪار تنهنجي ٻولي آهي
رودن، دانهون تنهنجا لفظ آهن.

۽ پوءِ رت ۾ وهنتل عقاب آيو
ٻکيو، چتو، اڻ-سڏيو مهمان ٻٽجي
پروميٿيس جي سرير تي ٽنبي پيو
انکي چيري ڦاڙي
ڇيهاڙيون ڇيهاڙيون ڪري ڇڏيائين
۽ــ سندس ڪاري جيري کي
چتو ٽي زم سان پٽڻ-چنڻ لڳو.

پوءِ هرمز کيس ٻڌايو:
مهاديوتا زيوس جي امر سان
تنهنجي انهيءَ پيڙا ڀري سڪرات جو
ڪو انت ڪونہ آهي
ڪا پڇاڙي ڪانہ آهي
ايستائين، جيستائين
آسماني خدا
توکي انهيءَ ايذاءَ کان آجو نٿا ڪن
اها پيڙا تنهنجو لکيو امر آهي.

”سان پروميٿيس جي مقدر کان سڄاڻ آهيان“. مسيفس
ڇڙ سان هوڪاريو، جڻ کيس ڪنهن ڏنگي وڏو هجي. ”ها، مان

www.sindhsalamat.com

مسسيفس کي پاتال ڏانهن نيو پئي ويو، هو هارايل هو، پوءِ به سوڀارو، وهيٺو هو، پوءِ به اڏول. جڪڙيل هو، پوءِ به سرڪش، نندڻيل هو، پوءِ به هٺيلو.

پاتال ۾ گهرو سناٽو آهي. چوڌاري سوت جا پاڇولا رڙهي رهيا آهن □

www.sindhsalamat.com

— سر ڏهي جي نالي

www.sindhsalamat.com

’ڇو ماني ڪونه کاڌءِ؟‘ ڀاڄائس جو آواز. ڇڙڪ کائڻ سهل لڳاهه منٿس هيس.

’ بس ڀاڄائي — بک ڪانهي.‘

’ بک نه هجيئي ته جهلي ويندو ڪر. ٽيهه رپيا مڻ اٽو آهي، خانصاحب‘ ڀاڻس جو آواز.

ڪيڏو اڪيلو. ڪيڏو ڪريل. ڪيڏي محتاجيءَ جي ذلالت. لفظ زهر ۾ ٻڏل لڳنس ٿا. لهي ٿا وڃنس روح جي گهرائيءَ ۾. ڄڻ ڪنهن زهريلو تير هڻي هستيءَ کي ڇيهون ڇيهون ڪري وڌس. ٽٽل هستي، ٽٽل شيشي جي گلاس وانگر. ڏک جي پيڙا وٺيس ٿي هيٺئون. اهو ڏک جيڪو ٿيندو آهي پنهنجن کان. جنهن لاءِ سوچي به نه سگهبو آهي ته ڪو ائين ٿيندو. ’ابو هجي ها تـه شايد ائين نه چوي ها — نه، چوي ها، چوڻ گهرجيس ها، نيٺ ڪير ڪنهنجو بوجهه کڻندو. هيءَ سماج ۽ اسانجا رشتا: ڪيڏو ويجها، ڪيڏو ڏاريا — خير، مونکي انهيءَ کي ايڏي اهميت ڏئي ڏک نه ڪرڻ گهرجي. هنڙين حالتن ۾ ائين ٿيڻ فطري آهي.‘

احساس گاڏڙ ويچار، اداسيءَ جي ڏنڊ ۾ ويڙهيل: ممڪن آهي، ڪجهه وقت کانپوءِ اهڙن حادثن جي رد عمل ۾، ٿيندڙ ڏک؛ به ڪرڻ ڇڏي ڏيان. زندگي سيکاري ڇڏيندي: سيڪو پنهنجي زندگيءَ جو جنازو پاڻ ئي کڻي هلي ٿو. پاڻ ئي کڻي هلڻو اٿس. ۽ پاڻ ئي ان جو جوابدار آهي. اسين سڀ هڪ ٻئي سان هرو ڀرو جڪڙيا ويا آهيون. هي مائٽ ــ اولاد، نسل ۽ خانداني ڳانڍاپا هڪ ٻئي تي بوجهه آهن. اجايو بوجهه. ڪن کي بوجهه کڻڻ جو ست آهي تـه کڻن ٿا، سو به پنهنجي ذات جي تسڪين ڪاڻ. نه ته هرڪو سچو پنهنجو پاڻ سان آهي. پنهنجي ذات سان، پنهنجي مفاد سان. ڪيڏي خود فريبي، ڪيڏو ڍونگ! ويساهه گهاتي: هڪ ٻئي سان، پنهنجو پاڻ سان. هنن رشتن ۽ ناتن جي رسم جي نالي ۾! ....

www.sindhsalamat.com

’گهر ڇڏيان، مزوري ڪندس.‘ ويچاري ٿو.... آپريس ٿو ذهن ۾ گذريل واقعو آخري انٽرويوءَ جو. جيڪو گهڻو وقت اڳ ڏٺو هئائين:

مرڪي وڃي ٿو، وڏي خوداعتماديءَ ۽ پنهنجائپ جي احساس سان آفيسر وٽ. (مڪن آهي) آفيسر سان پنهنجائپ جو احساس هڪ سنڌي هجڻ جي حيثيت ۾. ان پنهنجائپ جي احساس جي اوساري، اوسر ۽ پختگيءَ پنيان، شاگرديءَ جي زماني ۾، ٻه دفعا جيل وڃڻ، پوليس لاٺي چارج ۾ زخمي ٿيڻ ۽ انهن قربانين ۾ پنهنجي اهم حصي هجڻ، جنهن جي ڪري هي سنڌي آفيسر آيا آهن — جا لاشعوري جذبا. وڃڻ شرط صاف آواز ۾ چوي ٿو، ’جيئي سنڌ‘. موٽ ۾ آفيسر جون اڻ وڻندڙ نظرون. ڪجهه پنهنجي هلڪڙائپ جو هلڪو احساس. پر پوءِ به، اڻ ڇاتل طور سنڌي آفيسر سان پنهنجائپ جو احساس پختو. (سنڌي هجڻ ڪري!)

آفيسر جون مٿس نظرون.

ويٺو آهي، انتظار ۾ ڪانئس ٿيندڙ سوال لاءِ.

’ڇا پاس آهين؟‘

’ايم.-اي-پوليٽيڪل سائنس ۾.‘

’هون.‘

ٻئي سوال جو انتظار.

’ٺيڪ آهي، وڃ ٻئي کي موڪل.‘

’سائين پوءِ آسرو....‘ پنهنجائپ جي مرڪ سان.

’وڃ بابا، رزلٽ نوٽيس بورڊ تي لڳندي. اتي پڙهجانءِ.‘

ٻاهر اچي ٻڌائين: آرڊر نڪري ويا آهن. هي رسمي پورائو آهي. جا يون ورهايل آهن. ٽي مخدوم جون. ٽي پير جون. ٻه مير جا ماڻهو آهن. هڪ سيد جو سفارشي آهي. چار.... وزير جا. ٻه آرڊر مهاجر آفيسرن جي سفارشين جا نڪتا آهن. ڪجهه جايون خالي ڇڏيون اٿن، ڪن ميمبرن تي ڏورو ڪرڻ لاءِ.

هي سڀ ماڻهو پيرن، مخدومن، وڏيرن ۽ آفيسرن جا—

www.sindhsalamat.com

'ڪا وڏي ڳالهہ ناهي،' شاهہ مرڪندي چوي ٿو 'پاڪستان ۾. يعني پاڪ آستان ۾! جتي ٽيويهن سالن کان عوام جي روحن تي فوجي گاڏيون هليون پيون وڃن، جتي ٻارنهن ڪروڙ عوام ٽيويهن سالن کان، مارشل لا ڪورٽن ۾ انڊر ٽرائيل رکيو ويو آهي. جتي، دانشور ٽيٺ معنيٰ گوليءَ جي سزا — اتي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪئمپس ۾ فوجي گاڏيون گهمڻ ڪا وڏي ڳالهہ تہ ڪانهي، نہ؟'

'ها.'

'انهيءَ کي چئبو اٿئي اسلامي طريقو. منهنجا پيارا.' احمد چوي ٿو.

'۽ ها، جيستائين هيڙو پاڪستان آهي: پنجاب جا سامراجيانہ مفاد آهن، پناهگيرن جو اردو ازم آهي، هي فوج آهي، تہ هي سڀ ڪجهہ رهندو.' شاهہ.

'ائين ٿي رهندو؟؟ جيئن آهي؟' پاڻ سوال ڪري ٿو.

'بنگال سنهن ڏيندو. هو منهن ڏئي چاڻن، هنن جي تحريڪ اسان وانگر رڳو نفرت، لفظن ۽ ٺهرائن تي ٻيٺل ناهي. بلوچ ۽ پٺاڻ بہ منهن ڏئي ويندا ۽ باقي اسين سنڌي؟ ڏاڍي عجيب صورتحال آهي: ڪنهن حد تائين مايوس ڪندڙ بہ. — ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي!—' شاهہ مرڪي ٿو. مايوسيءَ واري مرڪ.

'هڪ ڳالهہ تہ اٽل آهي' احمد چوي ٿو، 'تاريخي سچائي ۽ فطري اصول پٺاندڙ: سنڌ رهڻي آهي. سنڌي مظلوم آهن. جيت اڳي پوءِ مظلومن جي ٿيندي آهي، چاڪاڻ تہ هو حق تي هوندا آهن....'

'تاريخ ڏانهن اها پهچ (Mythlael) آهي. تاريخ ڇاهي؟ طاقت، طاقت، طاقت. ٻيو ڪجهہ بہ نہ. ريڊ انڊين اصل آمريڪن باشندا هئا، پوءِ؟ آمريڪا ڪنهن جو رهيو آهي؟ ريڊ انڊين جو، يا ٻاهران آيل وسندڙ نوآبادگارن جو؟ آسٽريليا جا اصل باشندا ڪٿي آهن؟ خود پنهنجي هندستان کي ڏس: دراوڙين ۽ آرين ۾!

www.sindhsalamat.com

تاريخ جو ڌارو، دراصل ڪن اخلاقي اصولن تي ڪونہ ٿو رڙهي، بس، Time ۽ Space اندر ڪا اپريل قوت (Force)، آهي، جيڪا فيصلي ڪن رول ادا ڪري ٿي. پوءِ اهو Force، ڀلي نٽشي جو انفرادي فورس هجي، مارڪس جو ڪلاس فورس هجي، هٽلر جو نسلي فورس هجي. بهرحال طاقت. ۽ فطري اصول بہ اهو ئي آهي آهي تہ، جو سگهو آهي، سو رهندو ۽ ڪمزور مرندو، پوءِ آهستي آهستي يا هڪ ئي دفعي. ۽ زندهہ رهندو تہ، محڪوم ٿي.'

'نہ، منهنجو اهو مطلب ناهي تہ، سنڌي قوم مظلوم آهي، انڪري مات ڪري ويهي رهي. يا صحيح معنيٰ ۾ عملي جدوجهد ڪرڻ بجاءِ پاڪاريندي رهي. پر منهنجو مطلب آهي تہ هيترو جو ظلم ٿئي پيو، ڦرلٽ ٿئي پئي. اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ تشدد ڪيو پيو وڃي، ڇا هنجو ڪو نتيجو نہ نڪرندو؟ بنگالي بہ تہ انهيءَ ساڳي ظلم ۽ ڏاڍ جي چڪيءَ ۾ پيسجي باغي ٿيا، ۽ جدوجهد هلائڻ جا گُر سکيا. شعور وڌين. ۽ سنڌ ۾ بہ ساڳي طرح ٿيندو. فطري آهي.' احمد چوي ٿو.

'پر پيارا، سنڌ جون موجوده حالتون دنيا کان ئي نياريون آهن. هتي تاريخ جو نئون تجربو ٿي رهيو آهي. نرالو، انوکو: آباديءَ جو Composition ڏس. ڏينهون ڏينهن ڌارين جو وڌندڙ تعداد ڏس. ثقافتي طور ڏس: پناهگير شهرن تي قابض. انهن جي سياسي شعور، تنظيمي شعور ۽ تحريڪي شعور ۽ پنهنجي شعور جي وٿي ڏس. ڪلاس ڪمپوزيشن ڏس: قومي مسئلي تي سنڌ جو وڏيرو، پير، سنڌ جو دشمن ۽ نوآبادگارن اڳيان گانڊو ۽ هنن جي مفادن جو محافظ. جڏهن تہ هنن جو سرمايہدار ۽ مزدور هن معاملي ۾ پاڻ ۾ پٽ. هي جو انهن غير سنڌين کي، سنڌي پوز ڪرڻ لاءِ 'نئين' جو پڇ ڳنڍيو ويو آهي. سراسر بڪواس آهي، دوکو، اهي سنڌي ٿي نٿا سگهن. هنن جو تهذيبي برتريءَ واري ۽ سنڌ کي فتح ڪرڻ جي احساس سان صاف پڌرو آهي تہ، اهي سنڌ ۽ سنڌين سان سچا ٿي ئي نٿا سگهن. ڇاڪاڻ تہ

www.sindhsalamat.com

شيون ناهن. انهيءَ ڪري.‘ نواز سگريٽ جو ڪش هڻي ٿو.
’پلا اها ڪيتري قدر حقيقت آهي ته، تون اڄڪلهه فري سيڪس جو ڏاڍو پرچارڪ ٿي پيو آهين؟‘ شاهه وڏ يڪ چيڙڻ لاءِ چويس ٿو.
’اسان جي نصيب ۾ رڳو آهي ئي پرچار، يعني زباني لست. جنهن کي ذهني عياشي به چوندا آهن.‘ نواز چپٽي وڄائي آڱرين جي وچ ۾ جهليل سگريٽ جو ڦلو ڪيرائي ٿو ’هتي فري سيڪس لاءِ ڪجهه بنيادي لوازمات آهن: هڪ ته عدد پيٽ هجي جنهن کي ـــ بارٽر سسٽم هيٺ ايڪسچينج ڪري سگهجي. يا ته دولت هجي يا ٽيلنٽ ۽ گنس هجن يا ڪا حيثيت هجي مثلا ليڊري وغيره. انڪري منهنجو فري سيڪس پنهنجو پاڻ سان آهي.‘ چانيءَ تي هٿ هڻي چوي ٿو.
سڀ کلن ٿا. ڪا مهل خاموشي.
’هلون هاڻي.‘ پاڻ خاموشي ٽوڙيندي چوي ٿو.
بل ڏئي اٿن ٿا.

صبح جا ساڍا اٺ کن:
جنرل پوسٽ آفيس ۽ ريڊيو پاڪستان جي وچ واري روڊ تي اڇي رنگ جي ڪار بيٺل. پرسان هڪ فوجي آفيسر وردي ۾ ۽ هڪ اسڪوٽر ۽ هڪ نوجوان اڇي پتلون ۽ گلابي ٽي شرٽ سان ڪجهه جهڪيل. پاسن کان پري پري، فٽ پاٿ تي، پريس ڪلب جي در وٽ بيٺل، ڊنل، هيسيل، تماشو ڏسندڙ. پاڻ، جو يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس ڏانهن وڃي رهيو هو، پڻ ساڻ تماش بين جي حيثيت سان بيهي ٿو. ڏسي ٿو.
’بس سر، Excuse Me.‘ نوجوان ٻانهون ٻڌي ليلائيندي چوي ٿو.
’نو نو، مرغا بنو.‘ فوجي آفيسر ڏنڊي هوا ۾ ڦيرائيندي چوي ٿو
’سرـــ‘
’چا ڳالهه آهي.‘ پرسان بيٺل هڪ کان پڇي ٿو. جنهن جي

www.sindhsalamat.com

ڇوراهي تي لڪڻ سان ماريو اٿن، پنڪا پنڪا لاهي سڄون پٺي ڏاڍو بي عزتو ڪيو اٿنس. هڪ پٽ جي پاسي ۾ پٺي مٿنيائين.“ ڀاڙس اڃا تائين ڳالهائي رهيو آهي، ’وقت ڏاڍو تنگ اچي ويو آهي. ڪنهن غريب جي نہ عزت محفوظ، نہ جان ....“

ڀاڙس ڪي پنڌڻ ڇڏي ڏنو اٿائين. ننڊ لاءِ پٿوڙي رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com

’مونکي ڪهڙي حيثيت سان ٿو شامل ڪرين؟‘

’هه هه .... اهو سوال ته مونکي توکان پڇڻ گهربو هو.‘

پر مونکي خود خبر ناهي ته سان ڇاهيان! نيشنلسٽ؟ ڪميونسٽ! يا ٻيو ڪجهه. البت پنهنجي باري ۾ هڪ ڳالهه ڄاڻان ٿو: مونکي نوڪري کپي. جيئن منهنجو گذر سفر ٿئي. ۽ بس. باقي هر ازم جي باري ۾، پوءِ اهو نيشنلزم هجي يا سوشلزم هجي— سان انهن تي فقط ڳالهايو آهي، بحث ڪيو آهي، ڪئي رايا ڏنا اٿم، جيڪي هڪ ئي ڳالهه جي باري ۾ مختلف هوندا آهن. ۽ ڪڏهن هن انتهائي جوش وچان بحث ڪري، پوءِ پنهنجي منهن پڇتائيندو آهيان: اجائي ٻکي هيم. لا حاصل آهي. بي معنيٰ آهي ....‘

’هاڻي حرامپڻائي نه ڪر. اهو پيٽي بورزوائي انٽيلڪچيوئلزم ڇڏي ڏي. گذر سفر ته ڪنهن به ڪندو رهي ٿو. هن سماج ۾ توکي ڪهڙي نوڪري ملي سگهي ٿي؟ ڪلارڪي! بس نه؟ جيڪڏهن تون هارين ۾ تحريڪ لاءِ ڪم ڪرين ته ڇا هو توکي کائڻ لاءِ ويلي تي لسيءَ جو وٽو ۽ هڪ ڍوڍو به ڏئي نه سگهندا. تو جهڙن سنڌي نوجوانن لاءِ سوشلزم جي تحريڪ ۾ اچڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ناهي. پارٽنر، هڪ ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي، جيڪا منهنجي آڏو سنڌ سان وڏي ٽريجڊي آهي. اها هيءَ آهي ته: سنڌ جي مڊل ڪلاس مان سياسي ورڪر ۽ اڳواڻ گهٽ ٿا پيدا ٿين ۽ شاعر، اديب، ايڊيٽر، انٽيلڪچيوئل ڏاڍا. ڪاٿوئي ڪونهي! سياست ۾ وري جيڪي ٿورا گهڻا، سي رڳو يا نعري باز يا تقرير باز! يا پارٽ ٽائيم سياست ڪندڙ. اوهو! آئن ۾ ڏهه منٽ. مونکي پوري اٺين ٻجي ڪنهن ٻئي هنڌ ضروري پهچڻو آهي. پوءِ، تون ڇا ٿو چئين، سڀاڻي اسان جي ميٽنگ آهي. تحريڪ ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ تنهنجو نالو تجويز ڪيان؟‘

’ڀلي.‘ سواءِ ڪنهن ويچارڻ جي وراڻي ٿو.

’پوءِ سڀاڻي شام ساڍي ستين ٻجي هتي پاڻ ملنداسين. ۽

www.sindhsalamat.com

غور ڪرڻو پوندو.'

'ته ڇا ڪٿي ٻئي هنڌ ٿي نٿو سگهي؟'

'مشڪل آهي. هن دور ۾.'

'ٺيڪ آهي. مان پنهنجي ليکي ڪوشش ڪندس. تون سڄو سامان مونکي ڏئي ڇڏجانءِ.' ساٿي ڪي گهڙيون خاموش رهندي، ڪجهه سوچيندي چوي ٿو، 'ساٿي، اوهان ليف ليٽ جو ڊرافٽ تيار ڪيو؟'

'ها سائين، رف لکيو اٿم. پڙهان؟ پر ٿورو ترسو، ٻاهران جائزو وٺي اچان، ڪٿي روشنيءَ جو ڪو ڪرڻو ته ٻاهر نٿو وڃي-'

ٻاهران ٿي اچي ٿو: 'سڀ ٺيڪ آهي. پڙهان؟' پڙهي ٿو:

## سنڌيو - سجاڳ ٿيو!

حڪمران فوجي ٽولو هينئر ڇتو ٿي پيو آهي. بنگال جي قهري ۽ انسان-ڪش ڪاروائين مان پڌرو آهي ته، هيءُ قومي حقن، عوامي جمهوري، ترقي پسند تحريڪن ۽ پورهيت عوام جي سڄڻي جدوجهدن کي مڪمل طور ناس ڪرڻ ٿو چاهي. ۽ سموريون رجعت پسند طاقتون سندس همراهيءَ ۾ آهن. پر بنگال جو عظيم، بهادر ۽ جرئتمند عوام، انهن وحشين جو ڀرپور مقابلو ڪري رهيو آهي.

اسين سنڌ ڌرتيءَ واسين کي چتاءُ ٿا ڏيون ته اهو خوني ۽ نسل ڪشيءَ جو ڊرامون هتي به دهرايو ويندو.

سنڌ ڌرتيءَ جا محب وطنو، جمهوريت پرستو ۽ ترقي پسندو! تيار رهو-

www.sindhsalamat.com

— فوجي جنتا مردهہ باد. — بنگال جو عظيم عوام زندهہ باد.
— سنڌ جو عوام، بنگال جي عوام ساڻ آهي.
— مظلوم قوميت جي عوام جو اتحاد زندهہ باد.
— پنجاب پناهگير مستقل مفاد مردهہ باد.
— حب الوطني، ترقي پسندي، جمهوريت زندهہ باد.
پاران : — ..............................

پڙهڻ ڪانپوءِ، مڙني ڏانهن رايي لاءِ سواليہ انداز ۾ ڏسي ٿو.

’ ٺيڪ آهي.‘ دريا خان چوي ٿو.

’ اڇا ڪجهہ زوردار ۽ سخت هجي ها.‘ ساٿي چوي ٿو، ’ ٺيڪ آهي. شروعات ان سان ئي ڪيون ٿا. مونکي ڏيو. سان هيءُ ليف ليٽ ٻن ڏينهن جي اندر پنج هزار سائيڪلو اسٽائيل ڪرائي ڇڏيندس. هاڻي سوال آهي هنکي ورهائڻ جو —‘

ڪي گهڙيون سڀ خاموش.

’ هوئڻ تہ اسين سڀ، پنهنجن پنهنجن اعتماد وارن ذاتي دوستن ۽ ميچوئر سياسي جاڻ رکندڙن ۽ دانشورن کي ڏئي سگهون ٿا.‘ ساٿي چوي ٿو، ’ باقي سوال آهي، پبلڪ پليسز تي پهچائڻ. ۽ ٿي سگهي تہ ڪن جاين تي چنبڙائي ڇڏجي. ساٿيو، هي ڪم ظاهر آهي تہ هنن حالتن ۾ ڏاڍو خطرناڪ آهي. پر احتياط سان ڪري سگهجي ٿو. ۽ اسانکي ئي ڪرڻو آهي.‘

’ ٺيڪ آهي. اهو ذمو مان ٿو کڻان.‘ پاڻ چوي ٿو.

’ تون؟‘ ساٿي چوي ٿو، ’ دوست فيصلو ڪن. ساٿيو ڇا خيال آهي. هن ساٿيءَ کي اهو ذمو ڏجي؟‘

’ جيڪڏهن ساٿي رضاڪارانہ طور ذمو کڻي ٿو تہ ٺيڪ آهي.‘ دريا خان چوي ٿو.

’ هاڻي سوال آهي ورهائڻ جي طريقي جو —‘ ساٿي چوي ٿو، ’ ظاهر آهي تہ هتوهٽ عام هنڌ تي تہ ڪنهن کي ڪونہ

www.sindhsalamat.com

اٺانوين پڙ وي
– ٻڌي مار ڏيونس. ڀهرو رکُونس
– ڇڏيوس يار ڀلي پيو عيش ڪري. اوهانجي گهران ٿو وڃي
– تحريڪ ته وئي. .... تي چڙهي. هائي مرگهو خوار ٿيا آهيون. هرڪو قيدي سمجهي ٿو سڀ جيئي سنڌ وارا ائين آهن
– پاڻ قيدين لاءِ سڪ ٿي پيو سالن کان سڙيا ويٺا آهن
– تون نه لکي ڏيندين نه؟
– نه
– ڇو؟
– بس.
– ڏس نه – ڊپلوميسي به ڪا شي هوندي آهي. هتي اسين ويٺا ڇا ٿا ڪيون؟ ٻاهر گهٽ ۾ گهٽ تحريڪ ته هلائيندا اسين. اختياريءَ وارن کي چوٽيو ٿا ڏاهيون. لکي ڏيڻ ۾ اسانجي گهران ٿو وڃي؟ هان معافي نامي تي صحيح ڪر
– مان نه ڪندس. هن تي صحيح ڪرڻ معنيٰ ته ڏوهه قبول ڪرڻ. اسان ڪو ڏوهه ته ڪيو ڪونهي پنهنجا حق گهريا آهن. ۽ هن تي صحيح ڪرڻ جو سڌو سنئون مطلب آهي اسان غلط هئاسين ....
– يار تون ڪميونسٽن جي اثر ۾ اچي ويو آهين. هنن کي ته ٻاهر ماني نٿي ملي. توکي ته ماني ملي ٿي.
– مان اوهانکي نٿو جهليان
– ير گهٽ ۾ گهٽ ٻين جو ته خيال ڪر. اوهان ڇٽڻ پنهن ڇٽڻ جي ڪري –

– خوش آهين نه؟ (پاڻس پڇيو هوس)
(لڳندڙ رسمي)
– ها
– هان هي وٺ. ڏنائين: صوف. ڪجهه ڪيلا

www.sindhsalamat.com

جنهن کي زندگيءَ جي Perfection چئجي؟ ڪلارڪي! محض ڪلارڪيءَ ۾ زندگيءَ جا باقي ٽيهه - پنجٽيهه سال پوڳيندو رهان. ڪلارڪي يا ڪا ايتريءَ ئي پگهار واري نوڪري ملڻ ڪري، انهن حالتن، جن هيٺ هينئر آهيان، پوڳيندو رهان ٿو، فرار يا پناهه ملي سگهندي؟ جيئن مان پنهنجي وجود جي غير ضروري هجڻ جي چبندڙ احساس کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهان. مان شادي ڪري، ڪنهن عورت جي قربت حاصل ڪري نه سگهندس. جنهن قربت لاءِ مان سڪندو رهيو آهيان. ناممڪن آهي.

پر فرض ڪر ته نوڪري ملڻ سان، ڪٿي شادي به ٿي وڃي. ته نتيجي ۾ ٿيندڙ ٻارن جو لوڊ ڍوئي سگهندس؟ يا ائين ادا وانگر، هر ڪلارڪ وانگر، هر ماستر وانگر، لوڊ ڍوئي ڍوئي، ان ڍوئڻ ۾ گسجي پسجي، ڪپي ڪاڄي ويندس. ۽ محض ان لاءِ مان زنده رهان! ان کان بهتر آهي، خودڪشي ڪري ڇڏيان.'

پيشاب. پيشاب ڪرڻ لاءِ سوچي پيو ٿو. اٿڻ تي دل نه ٿي ٿئيس. ڏاڍو آيو اٿس. نيٺ زور کان مجبور ٿي اٿي ٿو. پيشاب ڪري وري اچي ليٽي ٿو. ليٽندي، 'ٽائيم ڪيترو ٿيو هوندو.' ننڊ نٿي اچيس. ننڊ ڪرڻ به نٿو چاهي. اوچتو خواهش: چانڊوڪي هجي. ڪنهن ويران روڊ تي پسار ڪرڻ جي. يا چانڊوڪيءَ ۾ ڪنهن قتل، اجڙيل، ويران کنڊرن ۾، ڪنهن مٽيري دڙي تي سڌو سنئون ليٽندي، اداسيءَ ۾ غم مان سوچيندو رهڻ جي. 'اوهه! مان ڪيڏو نه بدنصيب آهيان. اڄ ڏينهن تائين، عمر جي ٽيهن ورهين تائين، ڪنهن به عورت جي قربت ماڻي نه سگهيو آهيان. (!!) ....

'سونکي هن تحريڪ ۾ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي. ممڪن حالتن هيٺ، جنهن کي مان چونڊي سگهان ٿو. پنهنجي غيرضروري وجود جي احساس کي مٽائڻ لاءِ. ۽ ان سان گڏ، سونکي ذهني طور صاف هجڻ گهرجي. ۽ پنهنجو پاڻکي ٺڳڻ نه گهرجي ته: مان تحريڪ ۾ حصو قوم تي احسان ڪرڻ لاءِ وٺان ٿو. يا ڪنهن

www.sindhsalamat.com

۽ خودمختياريءَ سان رهڻ بجاءِ مدينې جو ڪتو بڻجڻ وڌيڪ ٿو پسند ڪري. ۽ انسان مان ڪتو بڻجي مديني جي گهٽين ۾ نوس نوس ڪرڻ کي وڌيڪ عزت وارو ٿو سمجهي! پاڻ نا اميد آهيون پيارا-'

انهيءَ معاملي تي اڳتي ڳالهائڻ نٿو چاهيس. ڳالهه بدلائڻ لاءِ پڇيس ٿو:

'يحيٰ خان پنهنجي اقوام متحده مان گهرايو آهي. تنهنجو ڇا خيال آهي؟'

'اقتدار حوالي ڪندس. ٺيڪ آهي يار، پوءِ به پنهنجو سنڌي آهي.'

منهن ۾ ڏسيس ٿو.

'ڇگو ڊيئر. هلان ٿو، گڏ باءِ. (جيئي سنڌ بدران)' موڪلائڻ لاءِ هٿ ملائيس ٿو.

'ڇگو پلا نوڪري ڪهڙي ملي اٿئي؟'

'اليڪشن آفيسر. ڪلاس ٿو جي پوسٽ آهي. ڇگو—'

هٿ کي زور سان لوڏيندي موڪلائي وڃي ٿو.

www.sindhsalamat.com

کي ڪڍيو ويندو. ۽ هتي پاڻ وٽ اهڙي ڳالهه ڪانهي. اهو قصو ڪيئن؟'

'يار خدا جي واسطي متو نه ڪاءِ. بلوچستان ۾ ته اهي ساڳيا تنهنجا نعپ وارا اٿئي، جن ٻوليءَ جي مسئلي تي سنڌين سان غداري ڪئي آهي. ۽ پنهنجي منشور کان ڦريا آهن.' نواز وراڻي ڏنو.

'انهيءَ جي معنيٰ ته جي-ايم-سيد جو نظريو صحيح ثابت ٿيو آهي: سنڌ جي مخصوص حالتن هيٺ، هر آل پاڪستان بنيادن تي ٺهيل سياسي پارٽي، سنڌين کي ڪڏهن به دوکو ڏئي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ ته انهن آل پاڪستان بنيادن تي پارٽين جو گهڻو ڪري لاڙو يا ته پناهگيرن کي يا ته پنجابين کي ۽ گهڻو ڪري ٻنهي کي خوش رکڻ ڏانهن هوندو آهي. ۽ سنڌ جا مفاد انهن جي Contradiction ۾ آهن. ۽ ڇاڪاڻ ته اهي سنڌ جي اقتصاديات، تهذيب تمدن ۽ جاگرافيائي وسيلن جا غاصب ۽ ڦرلٽ ڪندڙ آهن. ۽ سنڌي سنڌن هٿان ڦرجندڙ...... سنڌين جو حافظو ڪيڏو نه ڪمزور آهي ۽ سوچ ڪيڏي مٺاڇري: ڪلهه سنڌ کي پنجاب سان ڳنڍيندڙ ايوب کهڙو غدار هو. ۽ اڄ پنجاب جي مفادن جي ڪلمر کلا حفاظت ڪندڙ سنڌين جو هيرو!! نيٺ هن قوم جو ڇا حشر....' شاهه چوندو رهي ٿو.

'ير، خدا کي مڃو،' نواز بيزاريءَ مان هٿ ٻڌي چوي ٿو، 'هاڻي سياست بند ڪيو. مونکي هيءَ سمجهه ۾ نه ايندو آهي ته، اسين سنڌي، عملي طور ته ڪجهه نه ڪندا آهيون. ۽ رڳو زور سياسي ڪچهرين تي ۽ نڪته چيني تي. مون ڪيترا ڀيرا، انهيءَ تي سنجيدگيءَ سان سوچيو آهي ۽ فيصلو ڪيو آهي، ته اڄ کان پوءِ سياست تي نه ڳالهائيندس. پر اوهان اهڙا حرامي آهيو، جو ڦيرائي گهيرائي سياسي بحث ۾ اچي ڦاسايو. هاڻي ڪا ٻي ڳالهه ڪيو. نه ماسا؟ هو جو هن وقت تائين چپ ويٺو هو، ڏانهنس منهن ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com

# اداري جا ڇپايل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | مکڙيون ماڪ ڦڙا | مير محمد پيرزادو | -20 |
| 2 | منيءَ هاڙا ماڙهو | عبدالواحد آريسر | [ختم ٿيل] |
| 3 | سامراج ۽ ان جا روپ | جانب | [ختم ٿيل] |
| 4 | ماڙهو ميگهه ملهار | عبدالواحد آريسر | [ختم ٿيل] |
| 5 | مارڪسي فلسفو | اسٽالن / ابن حيات | [ختم ٿيل] |
| 6 | قومن جو حق خوداراديت | لينن / منير | [ختم ٿيل] |
| 7 | مارڪس ۽ اينجلز جي حياتي ۽ تعليم | جانب | [ختم ٿيل] |
| 8 | انقلابن جي تاريخ | ايم - اين - راءِ / امان شيخ | [ختم ٿيل] |
| 9 | تاريخ مونکي بيڏوهي قرار ڏيندي | فيڊرل ڪاسٽرو | -25 |
| 10 | عظيم انقلابي عورتون | سنڌيڪار: تاج جويو | -20 |
| 11 | ڦاسيءَ جي ڇانوَ ۾ | جولس فوچڪ | [ختم ٿيل] |
| 12 | جيڪي ڏٺو هو مون | ڪيرت ٻاٻاڻي | [ختم ٿيل] |
| 13 | فلسفي جو ابتدائي ڪورس | سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو | -50 |
| 14 | ترقيءَ جو غيرسرمائيدار رستو | لعل چارڻ | -12 |
| 15 | ڪاهوڙي ڪچن | ڄام ساقي | [ختم ٿيل] |
| 16 | سيڪيولر ازم | سبط حسن] تاج مري | [ختم ٿيل] |
| 17 | پاڪستان ۾ قومي سوال | امداد چانڊيو | [ختم ٿيل] |
| 18 | ڪميونسٽ پڌرنامون | سنڌيڪار: رشيد ڀٽي | [ختم ٿيل] |
| 19 | امڙ (ماءُ) | سنڌيڪار عثمان ڏيپلائي | [ختم ٿيل] |
| 20 | سوشلزم ماضي حال مستقبل | سنڌيڪار: امداد چانڊيو | [ختم ٿيل] |
| 21 | سوويت جمهوريت اصول ۽ عمل | چر نيڪو | [ختم ٿيل |
| 22 | چٽاگانگ جا عظيم انقلابي | ڪلپنادت / سرواڻ | -22 |

www.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| 23- | انقلاب جو فلسفو | جمال ناصر/سرمد سيد | [ختم ٿيل] |
| 24- | سي نيزي پاند | عثمان ڏيپلائي | [ختم ٿيل] |
| 25- | جي . ايم . سيد | عبدالواحد آريسر | [ختم ٿيل] |
| 26- | قومپرستي نظريو پاليسي | آگاسيئف | [ختم ٿيل] |
| 27- | سنڌ جي شاگرد جدوجهد | جام ساقي | [ختم ٿيل] |
| 28- | ابتدائي سياسي تعليم | جواهر لال نهرو | [ختم ٿيل] |
| 29- | چي گويرا جي ڊائري | سنڌيڪار: يوسف سنڌي | [ختم ٿيل] |
| 30- | مظلوم قومن جو مستقبل | جام ساقي | 25- |
| 31- | پيغام لطيف | جي- ايم سيد | [ختم ٿيل] |
| 32- | انقلاب جي واٽ | ابو جبران | 30- |
| 33- | سنڌ جون انقلابي عورتون | آزاد قاضي | [ختم ٿيل] |
| 34- | بين الاقوامي انقلاب جو راه عمل | سنڌيڪار: رشيد ڀٽي | 30- |
| 35- | ويٽنامي ڪهاڻيون | /رسول بخش پليجو | 25- |
| 36- | لينن جي انقلابي ڪهاڻي | / نجم عباسي | 40- |
| 37- | سنڌ جي بمبئي کان آزادي | جي- ايم سيد | [ختم ٿيل] |
| 38- | پروسترو ئيڪا | ميخائل گورباچوف / گهنشام پرڪاش | [ختم ٿيل] |
| 39- | تاريخ اسان سان انصاف ڪندي | گل محمد جکراڻي | 20- |
| 40- | فڪر جي آزادي | سنڌيڪار محمد ابراهيم جويو | 70- |
| 41- | نئين سنڌ لاءِ جدوجهد | جي- ايم سيد | 62- |
| 42- | الهاسي آواز | خليل جبران/ مسعود جمالي | [ختم ٿيل] |
| 43- | پيءُ جا ڌيءَ ڏي خط | جواهر لعل نهرو / پرويز | 25- |
| 44- | ڏاهيون ڏک ڏسن | افلاطون / گل | 65- |

www.sindhsalamat.com

# اداري جا جلد ايندڙ ڪتاب

1ـ نئي ناوليٽ — ماڻڪ

[ماڻڪ جا ٽي شاهڪار ناوليٽ، 'رُج ۽ پڙاڏا'، 'پاتال ۾ بغاوت' 'لڙهندڙ نسل']

2ـ نسيم کرل جون ڪهاڻيون

[نسيم کرل جي مڙني ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب، جنهن ۾ سندس شخصيت ۽ ڪهاڻين متعلق عبدالقادر جوڻيجو، ولي رام ولڀ ۽ نجم عباسي جا نوٽ رايا پڻ شامل آهن]

3ـ پاڻ ۾ ويڇا آهيون — نجم عباسي

[گهڻي عرصي کانپوءِ نجم عباسي جي ڪهاڻين جو نئون مجموعو]

4ـ درد جو دريا — موهن ڪلپنا

[سهڻي ۾ ڏنل سندس انٽرويو موجب ته "هي منهنجي زندگي جو بهترين ناول آهي" ۽ سندس خواهش موجب پهريون ڇاپو سنڌ ۾ ڇپجي رهيو آهي.]

5ـ لنگهه منهنجا لوهه — اشرف دهقاني. محبوب علي راهوجو

[ڪمپيوٽر تي بهترين گيٽ اپ ۾ ڇپيل]

6ـ وحشي جيوت جا نشان — سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو

[انسان ۽ ڪائنات جي ٻين جاندارن جي ارتقا متعلق بنيادي ڄاڻ ڏيندڙ هڪ بهترين ڪتاب]

7ـ موپاسان جون ڪهاڻيون — مرتب: يوسف سنڌي

[دنيا جي عظيم ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻين مان چونڊ ڪهاڻيون]

www.sindhsalamat.com

# مٺيءَ پچائا...

- ماڻڪ بدران جي علي مري وڃي ها ته ڪيڏو نه سٺو ٿئي ها: علي بابا
- ماڻڪ اهو ليکڪ هو، جيڪو پنهنجي مقصد سان سچو هو: حميد سنڌي
- ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ تخليقي ادب پيدا ڪرڻ ۾ ماڻڪ پهريون ليکڪ هو: مراد علي مرزا
- ماڻڪ ذهين، حساس ۽ سگهارو ليکڪ هو: شوڪت شورو
- اديب ۽ فنڪار قومي امانت آهن، ماڻڪ هميشه امر رهندو: اسرار شام
- ماڻڪ سنڌ جي سرواڻ اديبن مان خود سر تخليڪار هو: رسول بخش درس
- ماڻڪ جي وڇوڙي بعد لڳي ٿو وڏيون وڏيون ڀتيون مست هاٿيءَ وانگي مون ڏانهن ڏوڪينديون اچي رهيون آهن: شرجيل
- ماڻڪ اجان ڪچل وقت زنده رهي ها جي هو منافق هجي ها ته : نثار حسيني
- ايندڙ دور ۾ ماڻڪ جا پڙهندڙ وڌيڪ پيدا ٿيندا: امداد
- جيسين بي روزگاري ۽ اڻ سجاڳي آهي تيسين ماڻڪ اسان وٽ موجود رهندو: قاسم ٻگهيو
- ماڻڪ نون تجربن جو ماڻڪ هو: عزيز مهراڻوي
- ماڻڪ جو اوچتو موت ائين محسوس ٿيو ڄڻ بنهه منجهند جو اوچتو سج ٻڏي ويو: نصير مرزا
- حقيقت پسند ليکڪ ماڻڪ جهڙي گنڀير ۽ حساس شخصيت ورلي ڪا ملندي: ظفر حسن
- ماڻڪ انتهائي ذهين ۽ جديد ادب جو سرواڻ ليکڪ هو: مدد علي سنڌي
- ماڻڪ پنهنجين لکڻين جي شڪل ۾ اڄ به اسان وٽ موجود آهي: پروانو ڀٽي
- ماڻڪ حقيقت پسند ۽ هڏ ڏوڪي انسان هو: حافظ عبدالرحيم

(ترتيب: آغا قيوم)

www.sindhsalamat.com